روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 11 جنوري 2023ع بمطابق 17 جمادي الثاني 1444هـ (قيمت 10 روپيا) شمارو 229

افغانستان سان لاڳاپا خراب ڪيا ويا تہ مُلڪ دهشتگردي جي باهہ ۾ سڙي ويندو: عمران خان

مُلڪ ۾ دهشتگردي ۾ واڌ جو وڏو ڪارڻ حڪومتي بي ڌياني آهي، سرحدن جو ڪنٽرول وفاقي سرڪار جي ذميواري آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

جيڪڏهن افغان حڪومت پاڪستان سان سهڪار بند ڪري ڇڏيو تہ مُلڪ دهشتگردي جي باهہ ۾ سڙي ويندو، پاڪستان افغانستان سان لاڳاپا خراب ڪيا

آمريڪي مداخلت قبول ڪري ورتي تہ ملڪ ڪڏهن بہ نہ ختم ٿيندڙ دهشتگردي جي ليپيٽ ۾ هليو ويندو، دهشتگردن وٽ آمريڪا جا ڇڏيل جديد هٿيار آهن

افغانستان وڃي حملو ڪنداسين، جيڪڏهن افغان حڪومت پاڪستان جي سهڪار بند ڪري ڇڏيو تہ دهشتگردي خلاف جنگ وڌندي ويندي: اڳوڻو وزيراعظم

پرڏيهي وزير کي سڀ کان پهريان افغانستان وڃڻ گهرجي ها، پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ حصو ورتو تہ ڪوليشن فنڊ مان پئسا ملندا هئا، جنگ ۾ شامل ٿيڻ جو وڏيڪ نقصان ٿيو

جنرل مشرف چيو تہ آمريڪا کي لاجسٽڪ سپورٽ ڏيندا سين، آمريڪا تي حملي ۾ ملوث ماڻهو ان جي حوالي ڪنداسي، اسان کي آمريڪي ويزهہ ۾ اڻ ڏريو رهڻو آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ مُلڪ ۾ دهشتگردي ۾ واڌ جو وڏو ڪارڻ حڪومتي بي ڌياني آهي، سرحدن جو ڪنٽرول وفاقي سرڪار جي ذميواري آهي، جيڪڏهن افغان حڪومت پاڪستان سان سهڪار بند ڪري ڇڏيو تہ مُلڪ دهشتگردي جي باهہ ۾ سڙي ويندو هن چيو تہ پاڪستان افغانستان سان لاڳاپا خراب ڪيا ۽ آمريڪي مداخلت قبول ڪري ورتي تہ ملڪ ڪڏهن بہ نہ ختم ٿيندڙ دهشتگردي جي ليپيٽ ۾ هليو ويندو دهشتگردي جي حوالي سان ٽيل سيمينار کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين چيو تہ دهشتگردن وٽ آمريڪا جا ڇڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي اولهہ ضلعي جي ٽيم گلشن معمار ۾ ڪيرجي دڪانن، بيڪرين ۽ ريسٽورنٽس تي ڇاپا هنيا

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل عمران پٽي جي هدايت تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي اولهہ ضلعي جي ٽيم گلشن معمار ۾ ڪيرجي دڪانن، بيڪرين ۽ ريسٽورنٽس تي ڇاپا هنيا. اها ڪارروائي ڊپٽي ڊائريڪٽر بشير خان پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪئي. ڪارروائي جي دوران ڪيترن ئي بيڪرين، ڪيرجي دڪانن ۽ ريسٽورنٽس تي ڇاپا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جينيوا ڪانفرنس پاڪستان جي وڏي ڪاميابي آهي، سات ڏيڻ تي عالمي برادري جا ٿورائتا آهيون: وزيراعظم

ڪالهہ دنيا ڏٺو تہ انسانيت جي ڏک ۾ قومون ڪيئن گڏ ٿيون، عالمي برادري جنيوا ڪانفرنس ۾ پارٽنرشپ جو بي مثال نمونو پيش ڪيو

جيڪو گڏيل ڪوشش سان زندگي ۽ اميد کي بحال ڪندو، ڪانفرنس جي ڪاميابي تي مملڪتي سربراهن، يورپي يونين، ترقياتي پائيوارن ۽ گڏيل قومن جا ٿورائتا آهيون

عوام انتونيو گوٽريس جي شاندار ڪردار تي هميشہ شڪر گذار رهندو، دنيا ڏٺو تہ ڪيئن قومون انساني المي ۾ متاثرن بحالي لاءِ گڏ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪنديون آهن

جينيوا ڪانفرنس ۾ همدردي جي اظهار سبب متاثر ٿيو آهيان ۽ اسان گڏجي ٻوڏ متاثرن جي نئين سر بحالي تي ڪم ڪنداسين، جينيوا ڪانفرنس پاڪستان ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ وڏي ڪاميابي آهي

سهڪار ڪرڻ تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ۽ عالمي برادري جا ٿورائتا آهيون، شفافيت سان فنڊز عوام تائين پهچائيندا سين ۽ سندن زندگين ۾ تبديلي آڻيندا سين

انسانيت ۽ موسمياتي تبديلين واري معاملي تي اثرائتي انداز ۾ جاڳرتا مهم هلائڻ تي ملڪي ۽ عالمي ميڊيا جا بہ ٿورائتا آهيون، هي ڪانفرنس انساني جي گڏيل احساس جي علامت بڻي آهي

جنيوا (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي تہ جنيوا ڪانفرنس ۾ بيان ڪيل همدردي مان متاثر ٿيو آهيان، گڏجي نئين سر تعمير ڪنداسين. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل ٽوئيٽ ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ ڪالهہ دنيا ڏٺو تہ انسانيت جي ڏک ۾ قومون ڪيئن گڏ ٿيون. هن چيو تہ عالمي برادري جنيوا ڪانفرنس ۾ پارٽنرشپ جو بي مثال نمونو پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

رياض: آرمي چيف عاصم منير شيخ محمد بن زياد سان ملاقات ڪندي

طالبان کي پتو ڏيڻ جا الزام مڙهڻ وارا ثبوت پيش ڪن: محمود خان

ڪي پي اسمبلي جا ميمبر طالبان کي پتو ڏئي رهي آهن چا اهو خبرون صحيح آهن؟

جيڪڏهن اسمبلي ميمبرن جي طالبان کي پتو ڏيڻ ۾ ملوث رهيا تہ اسمبلي ڇڏي ڏيندس

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمود خان صوبائي اسمبلي جي ميمبرن جي ڪالعدم تحريڪ طالبان کي پتو ڏين واري سوال تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آمريڪا جو پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ وڏو اعلان

حڪومت پاڪستاني ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ امدادي رقم وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي

رقم ٻوڏ کان بچاءُ، فوڊ سيڪيورٽي لاءِ ڪتب ايندي: آمريڪي پرڏيهي ڪاتو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا پاڪستاني ٻوڏ متاثرن لاءِ ڏهہ ڪروڙ ڊالرز جي واڌو امداد جو اعلان ڪيو آهي. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان جو چوڻ آهي تہ حڪومت پاڪستاني ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ امدادي رقم وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: وفاقي گهرو وزير رانا ثناءُ الله پريس ڪانفرنس ڪندي

گلستان جوهر اسڪيم 36 مان قبضا ختم ڪرائڻ جو حڪم

عدالت طرفان غير قانوني اڏاوتن ۽ قبضا ختم نہ ڪرائڻ تي ڪي ڊي اي عملدارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو

ڇا پاڪستان مان حڪومت ختر ٿي چُڪي آهي؟ 3 کان 4 هزار ماڻهو بيهندا تہ حڪومت پوئتي هٽي ويندي؟: جسٽس اقبال ڪلهوڙو

قبضا ڪڏهن ختم ڪرائيندئو؟ عدالت ڊپٽي ڪمشنر اوير ۽ ٻيا عملدار ايندڙ ٻڌڻي تي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گلستان جوهر اسڪيم 36 مان قبضا ختم ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گلستان جوهر اسڪيم 36 ايس ٽي ۾ چائنا ڪٽنگ ڪيس بابت ٻڌڻي ٿي، عدالت طرفان غير قانوني اڏاوتن ۽ قبضا ختم نہ ڪرائڻ تي ڪي ڊي اي عملدارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو جسٽس اقبال ڪلهوڙو ريمارڪس ڏيندي چيو تہ ڇا پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان ايندڙ ڇهہ مهينن جي اندر ڊيفالٽ کان بچي ويندو: بلوم برگ

جون تائين اهو خطرو ٽري ويندو، لڳي ٿو پاڪستان ايندڙ ڇهہ مهينن ۾ ڏيوالي کان بچي ويندو پر ڏکيائيون اڃا ختم نہ ٿيون آهن

سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ ڊالرن جي صورت ۾ وڏي قرض جي واپسي جي ڳڻتي آهي ۽ اها قرض جي واپسي اپريل 2024 ۾ ٿيڻي آهي

پاڪستان کي وڌيڪ ٻاهرين امداد گهربل هوندي، آءِ ايم ايف پاڪستان جي باقي رهيل قسط روڪي سگهي ٿو: بلوم برگ جي رپورٽ

ڪراچي (م ڊ) آمريڪي اخبار بلوم برگ پنهنجي رپورٽ ۾ اميد ظاهر ڪئي آهي تہ آ ايم ايف جو پئڪيج پاڪستان کي ڊيفالٽ کان بچائڻ لا ڪافي هوندو. جون تائين اهو خطرو ٽري ويندو، لڳي ٿو پاڪستان ايندڙ ڇهہ مهينن ۾ ڏيوالي کان بچي ويندو پر ڏکيائيون اڃا ختم نہ ٿيون آهن. بلوم برگ جي رپورٽ موجب پاڪستان کي جون جي آخر تائين آءِ ايم ايف جي رقم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

گلستان جوهر اسڪيم 36 مان قبضا ختم ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گلستان جوهر اسڪيم 36 مان قبضا ختم ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گلستان جوهر اسڪيم 36 ايس ٽي ۾ چائنا ڪٽنگ ڪيس بابت ٻڌڻي ٿي، عدالت طرفان غير قانوني اڏاوتن ۽ قبضا ختم نہ ڪرائڻ تي ڪي ڊي اي عملدارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪيرہ پنجاب اسمبلي اچڻ کان روڪي نٿو سگهي، صوبي ۾ گورنر راج لڳائڻ جو آپشن بہ موجود آهي: راڻا ثناءُ الله

جينيوا ڪانفرنس ۾ دنيا شهباز شريف جي اپيل تي پاڪستان سان گڏ بيٺي آهي، پاڪستان جون اميدون پوريون ٿيون ۽ دنيا اميدن کان وڌيڪ مدد ڪئي

هٿيئر تائين، ياريهن ارب ڊالرجي مدد تي چڪي آهي جنهن ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي، دنيا جي مدد پاڪستان ۽ اتحادي حڪومت تي اعتماد جو اظهار آهي

اهو اعتماد عمران خان جي تي جمات آهي، هي امداد آهي، قرض نہ آهي، ان امداد ذريعي عمران خان جي ڪيل تباهي مُلڪ کي ڪڍيو ويندو، ڊالر سستو ٿيندو

لاهور (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پنجاب ۾ گورنر راج جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. لاهور ۾ ميڊيا سان گڏلهائيندي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي تہ جنيوا ڪانفرنس ۾ دنيا شهباز شريف جي اپيل تي پاڪستان سان گڏ بيٺي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حيدرآباد: ايم ڪيو ايم پاڪستان جو اڳواڻ منعقد ٽيل سيمينار کي خطاب ڪندي

اعتماد جي ووٽ وارو مامرو: پنجاب اسمبلي ميمبرن کي غيرحاضر رهڻ ۽ پارٽي ٽڪيٽن جي آڇ

پردي پٺيان رابطن ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ واري ڏينهن ميمبرن کي غير حاضر رهڻ لاءِ مختلف ترغيبون ڏنيون پيون وڃن

اسمبلي ميمبرن کي غيرحاضري رهڻ جي صورت ۾ مستقبل ۾ پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ جي آڇ پڻ ڪئي وئي آهي

پي ڊي ايم طرفان اقليتي ميمبرن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي، آصف علي زرداري جو بہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ لاهور ۾ ديرا جمائڻ جو امڪان آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ پنجاب جي وڏي وزي پرويز الاهي جي اعتماد جي ووٽ واري معاملي تي مسلم ليگ قائد اعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ميمبرن کي توڙڻ لاءِ بيڪ ڊور رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن. ذريعن موجب پردي پٺيان رابطن ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ واري ڏينهن ميمبرن کي غير حاضر رهڻ لاءِ مختلف ترغيبون ڏنيون پيون وڃن. ذريعن جو چوڻ آهي تہ اسمبلي ميمبرن کي غير حاضري رهڻ جي صورت ۾ مستقبل ۾ پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ جي آڇ پڻ ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب پي ڊي ايم طرفان عورتن ۽ اقليتي ميمبرن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. ٻئي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو بہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ لاهور ۾ ديرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پنجاب اسمبلي جي سيڪيورٽي گارڊز عطا تارڙ کي روڪي ڇڏيو

سيڪيورٽي گارڊ چون ٿا تہ وفاقي وزيرن جي پنجاب اسمبلي ۾ داخلا تي پابندي آهي: عطا تارڙ

پرويز الاهي اڪثريت وڃائي ويٺو آهي، تنهن ڪري اعتماد جو ووٽ وٺڻ کان ڀڄي رهيو آهي

راڻا ثناءُ الله سميت ٻين وفاقي وزيرن کي ڪيرہ پنجاب اسمبلي اچڻ کان روڪي نہ ٿو سگهي

لاهور (م ڊ) پنجاب اسمبلي جي سيڪيورٽي گارڊز وزيراعظم جي خاص معاون عطا تارڙ کي اسمبلي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو. جنهن جي وڊيو بہ سامهون اچي رئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13 سان منهن ماري ٿي

ايم 6 موٽروي هڪ اهم منصوبو آهي: محمد سهيل راجپوت

ان لاءِ حيدرآباد ۽ شهيد بينظير آباد ۾ زمين حاصل ڪرڻ جو ڪم ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو ويندو: چيف سيڪريٽري

ايم 6 منصوبي کي تيزيءَ سان مڪمل ڪيو ويندو، اجلاس ۾ ايم 6 موٽروي لاءِ ليند ايڪوزيشن آفيسر مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

حيدرآباد، سڪر ۽ شهيد بينظير آباد لاءِ ليند ايڪوزيشن آفيسر مقرر ڪيا ويندا تہ جيئن زمين جي حصول جي عمل کي جلد يقيني بڻائي سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت حيدرآباد_سڪر موٽر وي کي جلد مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪندي حيدرآباد شهيد بينظير آباد ۽ سڪر ۾ ليند ايڪوزيشن آفيسرن کي مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو فيصلو سنڌ جي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير جو صلحڪار فياض الحسن چوهان پريس ڪانفرنس ڪندي

جنيوا ڪانفرنس پاڪستان جي وڏي ڪاميابي قرار

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت جنيوا ۾ ڊونر ڪانفرنس کي پاڪستان ۽ ٻوڏ متاثرين لاءِ وڏي ڪاميابي قرار ڏيندي مالياتي ادارن ۽ ملڪن جي اظهار يڪجهتي جي تعريف ڪئي. ٽوئٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ سڄي دنيا ڏٺو تہ ڪيئن سڄي دنيا انساني بحران ۾ متاثرين جي بحالي لاءِ گڏ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪندي آهي. جنيوا ڪانفرنس ۾ همدردي جي اظهار سان متاثر ٿيو آهيان ۽ اسان گڏجي نئين سري سان تعمير جو ڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

فواد چوڌري جو اليڪشن ڪميشن خلاف وڏو قدم ڪڻڻ جو فيصلو

اليڪشن ڪميشن جو وارنٽ جاري ڪرڻ جو فيصلو هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي توهين آهي: فواد چوڌري

ڪيس جي تاريخ سترنهن جنوري هئي جنهن کي رولز خلاف اڄ مقرر ڪري فيصلو ڏنو ويو: اڳوڻو وفاقي وزير

اليڪشن ڪميشن خلاف توهين عدالت جو ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهيون، ڪين توهين عدالت ۾ سزا ملندي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري اليڪشن ڪميشن خلاف توهين عدالت جو ڪيس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن ۽ غيرحاضري تي اڳوڻي وزيراعظم عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس: خان، اسد ۽ فواد جا گرفتاري وارنٽ جاري

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري جا ضمانت ٽيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا اليڪشن ڪميشن جي ميمبر نثار درائي جي سربراهيءَ ۾ 4 رڪني بئنچ محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي ڪان خيبر تائين اٿي جو بحران، سستي اٿي لاءِ خلق پريشان

ڪراچي ۾ ڪٽڪ جي اڳهہ ۾ 10 رپيا في ڪلو گهٽتائي ٿي وئي پر اڃي جو اڳهہ گهٽ نہ ٿي سگهيو. شهر ۾ اڃي جو اڳهہ 155 کان 160 رپيا في ڪلو رهيو

ڪراچي ۾ اڃي جو اڳهہ 160 تي برقرار، پنجاب ۾ ڪٽڪ جي مارڪيٽ ڪريش ٿيڻ ڪري ٻئي طرف پنجاب ۾ سرڪاري ڪوٽا وڌائڻ سان ٿي خانگي ڪٽڪ جي مارڪيٽ ۾ ڪريٽ ٿي وئي

ڪٽڪ جي اڳهہ ۾ 1200 رپيا في مڻ گهٽتائي ٿي آهي، جنهن سبب اوپن مارڪيٽ ۾ 5400 ڪٽڪ 4200 رپيا في مڻ تي اڃي وئي آهي: مارڪيٽ ذريعا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي کان پشاور تائين سڄي ملڪ ۾ اڃي جي ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي. ماڻهو سستو اٽو وٺڻ لاءِ گهرن جا در کڙڪائڻ تي مجبور آهن. ڪراچي ۾ ڪٽڪ جي اڳهہ ۾ 10 رپيا في ڪلو گهٽتائي ٿي وئي پر اڃي جو اڳهہ گهٽ نہ ٿي سگهيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هزارين بند اسڪول ڪولي ويا، استادن جون پرتيون ميرٽ تي ٿيون، ڪيرہ آگرنٿو ڪٽي سگهي: سيڪريٽري تعليم

سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو چار هزار چار سئو ٽيهہ بند اسڪول ڪوليا ويا آهن، ميرٽ جي بنياد تي تعليم ڪاتي ۾ 53 هزار کان وڌيڪ استاد پرتي ڪيا ويا آهن

جنهن سبب بند اسڪول ڪلي رهيا آهن ۽ گهٽين ۽ پاڙن ۾ هلندڙ نجي اسڪول بند ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن، هاڻي نوان سرڪاري اسڪول پڻ ڪلي رهيا آهن

ان سلسلي ۾ تعليم واري صوبائي وزير سردار علي شاهہ پرتيون واري معاملي تي ڪو دٻاءُ قبول ناهي ڪيو، انڪري ڪيرہ پرتين تي آگرنٿو ڪٽي سگهي: غلام اڪبر لغاري

ڪراچي (رپورٽر) تعليم واري سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري چيو آهي تہ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو چار هزار چار سئو ٽيهہ بند اسڪول ڪوليا ويا آهن. هڪ بيان ۾ اڪبر لغاري چيو تہ ميرٽ جي بنياد تي تعليم ڪاتي ۾ 53 هزار کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: تعليم واري سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري پريس ڪانفرنس ڪندي

رياست مخالف الزام هيٺ گرفتار اڳوڻي ايراني صدر جي ڌيءَ کي پنج سال ٽيپ

تهران (م ڊ) اڳوڻي ايراني صدر اڪبر هاشمي رفسنجاني جي ڌيءَ سماجي ڪارڪن فائزا هاشمي کي رياست مخالف پروپيگنڊا ڪرڻ ۽ قومي سلامتي خلاف ڪم ڪرڻ جي الزام هيٺ پنج ورهيہ قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي. فائزا هاشمي کي حجاب ماموري تي حراست هيٺ ناري مهسا اميني جي موت کانپوءِ سڄي ملڪ ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن دوران گرفتار ڪيو ويو هو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سعودي شهرين لاءِ 3 قسطن ۾ حج خرچن جي ادائيگي جي سهولت

سعودي عازمين حج پيڪيج جا خرچ هڪ ڀيرو ادا ڪرڻ بدران 3 قسطن ۾ ادا ڪري سگهندا

40 سيڪڙو جي ٻي قسط 7 رجب 1444 هجري تائين ادا ڪرڻي پوندي: ذريعا

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي حج ۽ عمرہ واري وزارت حج جي خواهشمند سعودي شهرين لاءِ حج پيڪيج جا خرچ 3 قسطن ۾ ادا ڪرڻ جي سهولت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊيا ميرپاشا ۽ مهمند ڊيم فنڊ بابت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي هيٺ پنج رڪني لارجر بئنچ ٻارنهن جنوري تي ٻڌڻي ڪندي

جسٽس اعزاز الحسن، جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس جمال خان مندوخيل بئنچ ۾ شامل هوندا

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ ڊيا ميرپاشا ۽ مهمند ڊيم فنڊ بابت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۾ پهرين ڊجيٽل آدمشماري ۽ گهر شماري تي ڳڻتيءَ ظاهر

سنڌ جي ساڄاهہ وندن ڪراچي ۾ پهرين ڊجيٽل آدمشماري ۽ گهر شماري تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي

ڊجيٽل آدمشماري ۽ گهر شماري جو ريڪارڊ چيڪ ڪرڻ يا ان کي چئلينج ڪرڻ ممڪن نہ رهندو: ساڄاهہ وند

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي ساڄاهہ وندن ڪراچي ۾ پهرين ڊجيٽل آدمشماري ۽ گهر شماري تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي ساڄاهہ وندن جو چوڻ آهي تہ ڊجيٽل آدمشماري ۽ گهر شماري جو ريڪارڊ چيڪ ڪرڻ يا ان کي چئلينج ڪرڻ ممڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: وڪيل کي ناانصافي سزا ڏيڻ خلاف وڪلا برادري احتجاج ڪندي

حيدرآباد سڪر موٽروي کي جلد مڪمل ڪرڻ جو فيصلو

چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ايم سڪس موٽروي بابت اجلاس ٿيو

حيدرآباد ۽ شهيد بينظير آباد ۾ زمين حاصل ڪرڻ وارو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي: چيف سيڪريٽري

ڪراچي (م ڊ) سنڌ حڪومت حيدرآباد سڪر موٽروي کي جلد مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي چيف سيڪريٽري سنڌ محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو جو سينيٽ جو فارم بحال

فيصل واوڊا جي خالي ٿيل سينيٽ جي سيٽ تي ڪنهن بہ سياسي پارٽي جي اميدوار فارم جمع نہ ڪرايو

نثار کهڙو جا ٻنا مقابلي جو نڊيڪڙ جا امڪان آهن فيصل واوڊا جي نااهلي ڪانپوءِ سنڌ جي سينيٽ جي سيٽ خالي ٿي هئي

ڪراچي (م ڊ) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو جو سينيٽ جو فارم بحال ٿي ويو آهي. فيصل واوڊا جي خالي سيٽ تي پيهر چونڊ ٿيڻي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سليمان شهباز جي جهانگير ترين سان ملاقات، وزيراعظم جو پيغام پهچايو

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز جي پٽ سليمان شهباز پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ جهانگير ترين سان ملاقات ڪئي آهي. سليمان شهباز جهانگير ترين سان لاهور ۾ سندس رهائشگاهہ تي ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ ۽ ايندڙ سياسي حڪمت عملي بابت صلاح مشورو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب سليمان شهباز جهانگير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيدرآباد: صوبائي وزير جام خان شورو منعقد ٽيل سيمينار کي خطاب ڪندي

ترهين اليڪشن ڪميشن ڪيس: عمران خان، اسد عمر ۽ فواد جا گرفتاري وارنٽ جاري

اليڪشن ڪميشن جي ميمبر نثار درائي جي سربراهيءَ ۾ 4 رڪني بئنچ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري جون حاضريءَ کان ڇوٽ وارين درخواستون بہ رد ڪري ڇڏيون

اليڪشن ڪميشن عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري جي حاضريءَ کان ڇوٽ وارين درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪيو هو

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري جا ضمانت ٽيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا اليڪشن ڪميشن جي ميمبر نثار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ جي تاريخي دستاويزن ۽ تاريخي ماڳن توڙي شين کي محفوظ ڪرڻ خاطر اهم فيصلا

سنڌ جي قديم تاريخ ۽ تاريخي مواد توڙي دستاويزي ريڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ ڪٽڻا پوندا: طارق حسن

سنڌ جي وڏي وزير جي آرڪائيز بابت صلاحڪار طارق حسن جي صدارت ۾ ٽيل هڪ ميٽنگ ۾ پڻ فيصلا ڪيا ويا

ميٽنگ آرڪائيز ڪاتي جي هيڊ آفيس ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ آرڪائيز ڪاتي جي انتظاميہ پڻ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تاريخي دستاويزن ۽ تاريخي ماڳن توڙي شين کي محفوظ ڪرڻ خاطر اهم فيصلا ، سنڌ جي قديم تاريخ ۽ تاريخي مواد توڙي دستاويزي ريڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ ڪٽڻا پوندا، سنڌ جي وڏي وزير جي آرڪائيز بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

حيدرآباد: صوبائي وزير جام خان شورو منعقد ٽيل سيمينار کي خطاب ڪندي

دادو ميونسپل ڪميٽي جي ڪروڙين رپيا مهيني بجيٽ باوجود شهر گندگيءَ جي ڍير ۾ تبديل

ميونسپل ڪميٽي جي يونين جي اليڪشن اميدوارن جون جهمريون، 30 سالن کان انصاري پينل جو مسلسل راڄ ختم

ميونسپل ڪميٽي ايمپلائيز يونين جون 2 سالا چونڊون اليڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين منير سولنگي جي صدارت ۾ ٿيون

حسيني پينل ملازمن جي وڏي ووٽ سان ڪاميابي، ريلي ڍول جي تاڪ تي رقص، ڪامياب اڳواڻن پاران هڪبئي کي مبارڪون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ميونسپل ڪميٽي جي ڪروڙين رپيا مهيني جي بجيٽ هٿ باوجود شهر جا 24 ئي وارڊ گندگيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويا. يونين جي اليڪشن اميدوارن جون جهمريون ميونسپل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: رٽائرڊ سرڪاري ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ڀهراڙين جي اندر تعليم نالي ماتر رهجي وئي آهي: ڊاڪٽر محمد عظيم

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) سنڌ جي تعليم جي ترقي لاءِ شهرن توڙي ڳوٺن ۾ نياڻين جي تعليم کي لازمي بنائڻ ڪانسواءِ قوم ترقي ڏانهن اڳتي وڌي نه سگهندي . اهڙو اظهار صحت ڪاتي جي اڳوڻي صوبائي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد عظيم عالماڻي ڳوٺ سونو خان عالماڻي ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت قائم ٿيل ڪريم بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽي ضلعي جا رٽائرڊ سرڪاري ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج بڻجي ويا

گروپ انشورنس، پينشن ۽ ٻين الفنڊ سميت ٻيون مراعتون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

10 سيڪڙو واڌ سميت ٻين الفنڊ، پينشن ۽ ٻين مراعتن کان محروم رکيو پيو وڃي: مظاهرين

ٺٽو(ڊر) ٺٽي ضلعي جا رٽائرڊ سرڪاري ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج بڻجي ويا. مڪلي تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ويو. گروپ انشورنس، پينشن ۽ ٻين الفنڊ سميت ٻيون مراعتون نه ملڻ خلاف رٽائرڊ ايمپلائيز ريلئيئر ايسوسيئيشن ٺٽي جي اڳواڻن گل محمد جهرڪو، نواز علي شاهه رضوي، غلام حسين گابار، اقبال جوڪيو، ڊاڪٽر ولي جاڪرو، شمس ڪڏائي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مني ۾ عوامي تحريڪ پاران روز مرهه جي شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڏرٽو

ڪبير پيل لوڪاڻي ڪرشن ميگهواڙ سورو مل پيل عزيز هنگورجو پورالال پيل صديق بجيرءِ ٻين احتجاج ڪيو، نعريبازي

اٽي جو هٿرادو اگه وڏائي عوام کي جيئڻ جو حق کسي جيئرو مارڻ چاهي ٿي، جيڪا حڪومت جي نااهلي آهي: مظاهرين

عوام دشمن پاليسي بند ڪري عوام کي سستي اگهه تي اٽو لاٽڻ بدران هر دڪان تي جلد ڏنو وڃي: مطالبو

مني(رپورٽ صادق بجير) عوامي تحريڪ مني طرفان اٽو ۽ روزمره جي وڏندڙ شين جي اگهن ۾ اضافي خلاف بلال پارڪ کان ڪشمير چوڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيو ويو. ريلي شهر جي مختلف مارڪيٽن کان ٿيندي ڪشمير چوڪ سوين مائٽن جي موجودگي ۾ پهتي مين چوڪ تي پهچي اتي جي اگهن ۾ هٿرادو واڌ بند ڪريو عوام کي لاٽينن بجاءِ هر دڪان تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مني: عوامي تحريڪ پاران مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دو ۾ گسٽا اڳواڻ ۽ جاڪوڙي استاد عبدالحيم قاضي جي مان ۾ آجياڻو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون جي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ استادن طرفان گسٽا اڳواڻ ۽ جاڪوڙي استاد عبدالحيم قاضي جي مان ۾ آجياڻو استادن، معزز شهرين، واپارين ۽ صحافين جي شرڪت. ٻنون جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي استادن ۽ سموري اسٽاف طرفان اسڪول جي جاڪوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ قومپرست اڳواڻن جي گهرن بنا جواز چڙهائين خلاف احتجاجي مظاهرو

قومپرست عوامي اتحاد جي ضلعي جي اڳواڻ صوفي حامد سنڌي ۽ جسقم ضلعي صدر ظهور هاليپوٽو جي گهرن تي چڙهائين خلاف احتجاج ڪيو ويو

برسات ۾ جن جا گهر ڪريا عورتن کي يو بي ايل بينڪ سميت امداد ۽ اٽي جي خريداري لاءِ سنڌ حڪومت عورتن جي تذليل ڪري رهي آهي: مظاهرين

قومي ورڪرن جي گهرن تي چڙهائي ڪري هراسان ڪيو پيو وڃي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻو وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) جيئي سنڌ محاذ قومپرست عوامي اتحاد پاران قومپرست عوامي اتحاد جي ضلعي جي اڳواڻ صوفي حامد سنڌي جسقم جي ضلعي صدر ظهور هاليپوٽو جي بنا جواز گهرن تي چڙهائي ڪري چادر چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي قومپرست عوامي اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي ۾ قردورنا مزاحمت تي قتل ٿيل دڪاندار جي جنازي نماز ادا

مقتول پورهيت ملازم جي نماز جنازا سچل گوٺ سپارڪو روڊ تي ادا ڪئي وئي

وارث اچڻ بعد قتل ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

ڪراچي(باغي ساگر) ڪراچي سچل گوٺ ۾ ٻه ڏينهن اڳ ڪرياني جي هول سيل جي دڪان تي قر مزاحمت تي قتل ٿيل دڪاندار جي جنازي نماز سپارڪو روڊ تي ادا ڪئي وئي واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو. پوليس ڪرياني جي هول سيل جي دڪان تان قر ڪري رهيا هئا ته دڪان تي ڪم ڪندڙ ملازم 19 سالن جي نوجوان عبدالرزاق پٺاڻ هٿياربندن سان مزاحمت ڪئي جنهن تي هٿياربندن ڪيس گوليون هنيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي: قردورنا مزاحمت تي قتل ٿيل دڪاندار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

شڪارپور ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن پاران تقريب جو اهتمام

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) جي قيام کان پوءِ سنڌ صوبي جي هرمحڪمي جي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ اڄ اب گريڊيشن جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي. وحيد ڦلهوتو صوبائي ميمبر انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

يارولنڊ واسي نوجوان ۽ ناري گهران نڪري پسند جو پرٽو ڪري ڇڏيو

مونکي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو، مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن: ناري

مون تي ۽ منهنجي مائٽن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن، تحفظ ڏنو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو يارو لنڊ واسي نوجوان ۽ ناري گهران نڪري پسند جو پرٽو ڪري ڇڏيو. جوڙي پاران تحفظ جي اپيل، خبرموجب، خانپورمهر لڳ يارو لنڊ واري علاقي جي ڳوٺ ڏيڻري واسي نوجوان مجاهد ملڪ پٽ خداداد ملڪ ۽ ڳوٺ پير پڪڙوئي جي رهواسن ناري چام زادي ڏي، اختر ملڪ گهران نڪري جوڙي ڪميٽ جي عدالت ۾ پسند جو پرٽو ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ پريمي جوڙي احتجاج ڪندي چيو ته اسين پنهنجي مرضي موجب ڪميٽ جي عدالت ۾ پسند جو پرٽو ڪيو آهي جنهن ڪانپو، مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن. ناري ٻڌايو ته مون کي ڪنهن به اغوا نه ڪيو آهي گهران نڪري مجاهد سان پرٽو ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

آبادگارن کي زرعي پاڻ جي فراهمي ۽ مقرر اگهن تي وڪري کي يقيني بڻايو وڃي: ڊي سي نوشهروفيروز

حاليه بارشن سبب آبادگارن جي فصلن جي تباهي سبب بدحال آهن، هاڻي جيڪا اراضي آبادي جي قابل آهي ان لاءِ انهن کي ريليف ڏيڻ جي ضرورت آهي

ذخيري اندوزي ختم ڪرڻ ۽ قيمتن تي ڪنٽرول ڪري آبادگارن کي ريليف ڏنو ويندو، ٽئڪ ڪيل ريٽ تي يوريا ۽ ٻيو پاڻ جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي

اسان جو ملڪ زرعي ملڪ آهي جيڪڏهن زرعي معيشت بهتر ٿيندي ته ٿي ملڪ جي ترقي ٿي سگهندي، اسٽريج لاءِ سرڪاري سطح تي گودام ناهيا وڃن

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ زراعت ڪاتي جي آفيسرن ۽ پاڻ جي ڊيلرن کي هدايت ڪئي آهي ته آبادگارن کي زرعي پاڻ جي فراهمي ۽ مقرر ڪيل اگهن تي وڪري کي يقيني بنايو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ زراعت ڪاتي جي آفيسرن، زرعي پاڻ جي ڊيلرن ۽ پاڻ ناهيندڙ ڪمپنين جي نمائندن سان اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان چيو ته حاليه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

نئون ڪوٽ ڪان ڏيپلو ويندڙ مين روڊ تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ کان اڳ هنڌان هنڌان ٽٽي ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽ) 15 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ نئون ڪوٽ گرڙا ٻاد کان ڏيپلو ويندڙ مين روڊ تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ کان اڳ هنڌان هنڌان ٽٽي ويو هلڪو پٿر ڏامر بجاءِ ڪارو تيل استعمال ٿيڻ سان روڊ ڪجهه مهينن اندر ٽٽي ويندو علاقائي واسي فهيم نهڙي ۽ ٻيا ان سلسلي ۾ علاقائي واسين فهيم نهڙي پيارو ڏيسر ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بلدياتي چونڊن واري قانون تي سختي سان عمل ڪرايو ويندو: ڊي سي ٽنڊو محمد خان

ڪنهن به سياسي جماعت يا اميدوار پاران ضابطه اخلاق جي پڇڪڙي ڪندڙ خلاف سخت ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

پرامن صاف ۽ شفاف چونڊن ڪرائڻ قومي فرض ۾ شمار ٿئي ٿو، مانيٽرنگ ٽيمن جي ڪم جي نگراني پڻ جاري آهي

15 جنوري 2023 تي ٿيندڙ صاف شفاف ۽ پرامن اليڪشن منعقد ڪرڻ کي يقيني بنايو ويندو: ياسر پٽي

ٽنڊو محمد خان(ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمد خان بلدياتي چونڊن واري قانون تي سختي سان عمل ڪرايو ويندو ڪنهن به سياسي جماعت يا اميدوار پاران ضابطه اخلاق جي پڇڪڙي ڪندڙ خلاف سخت ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي . پرامن صاف ۽ شفاف چونڊن ڪرائڻ قومي فرض ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن لاءِ مانيٽرنگ ٽيمن جي ڪم جي نگراني پڻ جاري آهي . ڪنهن به سرڪاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف احتجاج

سنڌ ۾ اٽي جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪري عوام کي پريشان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

شهر جي عوام کي سستو اٽو فراهم نه ڪري عوام سان زيادتي ڪئي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف ضلعي جي سياسي سماجي قومپرست ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت تعريبازي ڪئي ويئي . ان موقعي تي جيئي سنڌ قومي محاذ جي ضلعي صدر ظهور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي ۾ اٽي جو هٿرادو بحران ختم تي نه سگهيو، غريب طبقو پريشان

سنڌ حڪومت عوام کي سستو اٽو فراهم نه ڪري سگهي، مهانگائي عوام جي چيلهه چهپي ڪري ڇڏي

هوٽل مالڪن ماني جا ريٽ وڌائي ڇڏيا، 15 روپي واري ماني 30 روپين تائين وڪرو ٿيڻ لڳي

ڪراچي(رپورٽ: باغي ساگر) اٽي جو هٿرادو بحران ختم تي نه سگهيو سنڌ حڪومت پاران عوام کي سستو اٽو فراهم نه ڪري سگهي وڌندڙ مهنگائي عوام جي چيلهه چهپي ڪري ڇڏي ڪراچي ۾ هوٽل مالڪن پاران ماني جا ريٽ وڌائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: مهانگائي خلاف شهري ميڊيا اڳيا ڏاهيندي

سينارجا ۾ ڳريوا جي ملازمن پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي 10 سيڪڙو واڌ اپريل 2022 کان ڪئي وڃي: مظاهرين

نوٽيس وٺي سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي ٻين صوبن جيان مراعتون ڏنيون وڃن: مطالبو

سينارجا(رپورٽر) پوري سنڌ جيان سينارجا ۾ به ڳريوا جي ملازمن پنهنجي مطالبن جي مڃتا ۽ وزيراعظم پاڪستان پاران اعلانيل 10 سيڪڙو واڌ. پگهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

15 جنوري عوام جي فتح ۽ گل تي نيپي جو ڏينهن ثابت ٿيندو: عمر خليل جان سرهندي

عوام ٽنڊوسائينداد جي خوشحالي لاءِ پنهنجي روشن مستقبل جي تعميرات ڪرڻ جي شروعات ڪندي

مڪاني چونڊ ۾ آزمايل بجاءِ وري نوجوان اعلیٰ قيادت کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ آزاد اميدوارن کي ووٽ ڏي

ٽنڊو محمد خان(ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو سائينداد يونين ڪائونسل جي عوام 15 جنوري تي پنهنجي علائقي جي ترقي خوشحالي لاءِ پنهنجو قومي فرض ادا ڪري گل تي نيپ هٿي آزاد اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪندا . اهڙو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو باگو ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پاران ڳريوا جي سڏ تي مظاهرو

عبدالڪريم خواجه، عبدالرحيم بڪاري، مهراڻ درس ۽ اسد الله رستماڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

معاملي جو نوٽيس وٺي سنڌ حڪومت کي رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي پنهنجا جائز حق ڏيارڻا وڃن: مظاهرين

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پاران ڳريوا جي سڏ تي ٽنڊوباگو ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي وڏي تعداد عبدالڪريم خواجه. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو باگو: رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پاران مظاهرو ڪيو ويو

ٺاروشاهه ۾ انڪر سپورٽ پروگرام جي قسط اينڊي ئي ڊوائيز هولڊرن جون موجون

انتظاميا اگهور نند ستل، عوام پريشان، ڊي سي نوشهرو فيروز کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڊوائيز هولڊر شهباز سومرو 1000 روپيه في ڪارڊ تي سري عام ڪٽوتي ڪري رهيو آهي: عورتون

ٺاروشاهه(رپورٽر راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط اينڊي ئي ڊوائيز هولڊرن جون موجون ئي ويون جڏهن ته قسط جي پئسن سان گڏ اسڪولي ٻارن جا پئسا يعني اسڪول ۾ جيڪي ٻار پڙهن ٿا انهن جي اسڪالر به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز ۾ گورنمينٽ رٽائرڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران احتجاج

رٽائرڊ ملازمن کي مراعتون نه ٿيون ملن عذاب پري زندگي گهارڻ تي مجبور آهيون: مظاهرين

رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي، ڏهه سيڪڙو پينشن وڌائي وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) گورنمينٽ رٽائرڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي مراعتون نه ڏيڻ خلاف پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ارشاد علي عباسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: گورنمينٽ رٽائرڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ حبيب بئنڪ انتظاميا اي ٽي ايم مشين کي ڏينهن وقت بند ڪري ڇڏيو

اي ٽي ايم مشين بند هجڻ سبب عام ماڻهو سميت نوڪري دار ملازم سخت پريشان ٿي ويو

بئنڪ انتظاميه پاران اي ٽي ايم مشين کي بند ڪري اسان کي بنا جواز پريشان ڪيو ويو: شهري

ٺٽو(جاويد ميمڻ) حبيب بئنڪ ٺٽو برانچ انتظاميا ڄاڻي واڻي اي ٽي ايم مشين کي ڏينهن جي وقت بند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري نه صرف عام ماڻهو کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي پر انڪر سپورٽ جي رقم وصول ڪندڙ ٺٽي ضلعي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو عمر جي سعادت ماڻڻ بعد ڏيهه پهچي ويو

سينيئر صحافي منظور ملڪ ۽ ٻين ماڻهن پاران ڪيس گلن جا هار پهرائي واڌايون ڏنيون

ان ملڪ جي سعادت خوش نصيبن کي ٿيندي آهي ڊاڪٽر خادم انهن مان هڪ آهي: مقرر

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران پلي پار مدينه منوره ۽ مڪي مڪرمه مان عمري مبارڪ جي سعادت حاصل ڪري واپس وطن پهچڻ تي سول اسپتال نوشهرو فيروز جي ملازمن AMS ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز ۾ موٽر وي پوليس پاران اوور لوڊنگ گاڏين خلاف ڪارروائي

اوور لوڊنگ تي هڪ مهيني تائين قيد ۽ 1000 کان 5000 ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي: آءِ جي موٽر وي پوليس

نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس اوور لوڊنگ گاڏين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) انسپيڪٽر جنرل نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس خالد محمود جي هدايتن جي روشني ۾ نيشنل هاءِ ويز سيفٽي آرڊيننس 2000 جي سيڪشن 43 شيڊول 6 ۾ درج وزن جي حد جي خلاف ورزي جي صورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: موٽر وي پوليس اوور لوڊنگ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪندي

سينارجا پرسان گهرن تي 5 ڪان وڌيڪ پوليس ٽائن جي چڙهائي، پنج ڪنيڪي وئي، احتجاج

ڳوٺ ماڪن ڪبر ۾ 5 ڪان وڌيڪ ٽائن سينارجا، پيروسڻ، ٺري ميرواهه، ڪنب سميت ٻين ٽائن جي پوليس جي گهرن تي چڙهائي ڪئي

پوليس گهرن ۾ پيل سونا زيور، روڪ رقم ڦرلٽ ڪري کڻي وئي ۽ 5 جڻا ڪنيي گر ڪري ڇڏيا، واقعي خلاف احتجاج ڪيو ويو

نرٽيس وئي ڪنيي گر ڪيل نوجوانن کي جلد واپس ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ چڙهائين خلاف هاءِ ڪورٽ جو در کڙڪايو ويندو: مظاهرين

سينارجا(رپورٽ: الطاف حسين پٽو)سينارجا پرسان ڳوٺ ماڪن ڪبر ۾ گهرن تي 5 ڪان وڌيڪ پوليس ٽائن جي چڙهائي، گهرن جو تقدس پامال، سونا زيور، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦرلٽ. پنج جڻا ڪنيي گر ڪري ڇڏيا. گرفتائن جو پوليس خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو جي ڦورٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت جوابدار کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

دادو(ن سنڌيا) دادو جي ڦورٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت جوابدار نورل عرف نور حسين لنڊ تي ناري سحيلا پنهور کي اغوا ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 10 سال قيد جي سزا جا حڪم ٻڌايا آهن جوابدار 2 سال اڳ جوهي ٿاني جي حد مان ناري سحيلا پنهور کي اغوا ڪيو هو. ناري سحيلا پنهور جي اغوا جو ڪيس ناري جي والد پيارو پنهور جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سينارجا: گهرن تي پوليس جي چڙهائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ پرسان بک ۽ بدحالي کان تنگ تي نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ريڊر لاشاري ۾ 17 سالا نوجوان شرجيل لاشاري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

فوتي جي گهر ۾ ٻن ڏينهن کان ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجه به نه هو: اعجاز احمد لاشاري

گمبٽ(رپورٽ عبدالحي شيخ) ڪهڙا ريجهو ڳوٺ ريڊر لاشاري ۾ 17 سالا نوجوان شرجيل ولد نظام الدين لاشاري، ڳوٺ کان ٻاهر وڃي ٻيڻا طور ڪونو جي وڻ ۾ ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو. ان ڏس ۾ سندس والد نظام الدين ٻڌايو ته ڪافي عرصي کان آئون بيماري جي بستري تي پيو آهيان، منهنجي بيروزگار هجڻ ڪري گهر ۾ غربت، بک ۽ بدحالي سبب نوجوان پٽ پنهنجي جيڪيٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪوٽڙيجي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف پ پ ش پ پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

فقير عاشق علي رڌ، سيد واجد علي شاهه بخاري، عنايت علي بگٽي، عبدالجبار پٺاڻ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

غريب عوام هڪ ويلي جي ماني لاءِ پريشان آهي، ملڪ ۾ هٿرادو مهنگائي ڪئي وئي آهي: مظاهرين جون دانهون

سنڌ حڪومت کي گهرجي ته روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا ريٽ فوري طور تي گهٽايا وڃن: مطالبو

ڪوٽڙيجي(رپورٽر) ڪنب ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع خيرپور پاران پريس ڪلب ڪوٽڙيجي آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ بن ڪلاڪن جي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن جي قيادت فقير جنسار علي اچڻ ڪئي جڏهن ته حسين خان گرپانگ 'فقيرعاشق علي رڌ ' سيد واجد علي شاهه بخاري 'عنايت علي بگٽي ' عبدالجبار پٺاڻ ' منار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

رائيپور ٽائون ملازمن انتظاميا خلاف ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي

رائيپور(رپورٽر) رائيپور جي ٽائون ملازمن ٽائون انتظاميا خلاف تي ايم او آفيس اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رهندو ملازمن جو انتظاميا کي چتاءُ رپورٽ موجب ٽائون ڪميٽي رائيپور جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جو ٽائون انتظاميا جي مبينه ڪرپشن ۽ الاٽنسز ۽ پگهارون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪوٽڙيجي: وڌندڙ مهانگائي خلاف پ پ ش پ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ سنڌ حڪومت پاران اٽي جي مقرر اگهه 65 روپيا ڪلو تي عمل نه ٿي سگهيو

اٽو 135 روپيا ڪلو وڪرو ڪرڻ جي خلاف ضلع بچايو تحريڪ جو احتجاج ڪيو ويو، واهر ڪرڻ جي اپيل

اٽي جا وڏيڪ اگه وٺندڙ واپارين کي گرفتار ڪري مٿن سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي : مظاهرين

جيڪڏهن انتظاميا قدم نه کنيو ته ضلعي بچايو تحريڪ سڄي ضلعي ۾ تحريڪ شروع ڪندي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ حڪومت جي طرفان اٽي جي مقرر اگهه 65 روپيا ڪلو تي عمل نه ٿيو اٽو 135 روپيا ڪلو وڪرو ڪرڻ جي خلاف ضلع بچايو تحريڪ جو احتجاج اٽي جي اگهه تي عمل ڪرائڻ لاءِ وفد ڊي سي آفيس ڀهجي ويو ڊي سي جي غير موجودگيءَ ۾ احتجاج ڪرڻ تي مختيار ڪار وفد سان ڳالهيون ڪيون وفد ۾ شامل اڳواڻن مير نور احمد تالپرخدا ڏنو شاهه محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اميد آهيون ته سيني جوابدارن کي سزائون ملنديون: ام رباب چانڊيو

دادو ۾ ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري

هن ڪيس ۾ ٽائيم ضرور لڳو آهي پر الله جي ذات وٽ دير آهي انڌير ناهي: ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي عدالت ۾ ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين والد ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل ڪيس ۾ ايس ايچ او ڪريم چانڊيو خلاف ڏنل درخواست واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪرمل ٽرائيل ڪورٽ جي عدالت ۾ ٿي عدالت ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو: ام رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائندي

صوفي شاعر عباس علي شاهه جي وچوڙي کي 11 سال مڪمل ٿي ويا

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) سنڌ جي صوفي شاعر سيد عباس علي شاهه جي وچوڙي کي يارنهن سال مڪمل ٿي ويا. اج سندس 11 ورسي سادگي سان ملهائي وئي . ان حوالي سان سيد عباس علي شاهه جي ڏوهتي ناميارو شاعر اياز شاهه رضوي ٻڌايو ته سيد عباس علي شاهه جي 11 ورسي سادگي سان ملهائي پٽي وڃي، هن چيو ته عباس علي شاهه سڄي زندگي سنڌ جي صوفي روايتن جي پاسداري ڪندي عام ماڻهن جا اهنج ايذاءُ گهٽائڻ جي پرپور ڪوشش ڪندو هو. هن جو چوڻ هو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي جي حالتن کي سياست لاءِ خراب ڪيو پيو وڃي: محمد فائق شاهه

نجڪاري جي حمايت ڪندا آهيون پر شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان منصوبا عوام ۽ ماهرن سامهون رکيا وڃن

حڪومت ۽ اپوزيشن معيشت کي انگ اکرن جي جنگ بڻائي ڇڏي آهي : ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) حڪومت ۽ اپوزيشن معيشت کي انگ اکرن جي جنگ بڻائي ڇڏيو آهي عوام ماٺي خريدڻ جي لاءِ مجبور آهي. مني بجيٽ ۽ نون ٽيڪسن سان عوام وڌيڪ بدحال ٿي ويندو نجڪاري جي حمايت ڪندا آهيون پر شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان منصوبا عوام ۽ ماهرن سامهون رکيا وڃن ان ترقي پارٽي جي چيئرمين محمد فائق شاهه چيو آهي ته حڪومت ۽ اپوزيشن معيشت کي انگ اکرن جي جنگ بڻائي عوامي کي منجهائي رهيون آهن. عوام ماني جي لاءِ مجبور آهي، بيروزگاري جي ڪري هر طبقو بدحال ٿي چڪو آهي، هن چيو ته امن ترقي پارٽي نڪاري جي حمايت ڪندي آهي پر سمورا منصوبا ماهرن ۽ عوام جي سامهون رکيا وڃن. منصفاڻ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مورو پرسان پرائمري اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي ڳوٺائن غلام نبي لاشاري آچر لاشاري غلام رسول لاشاري شمن لاشاري علي نواز لاشاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان جي اسڪول ۾ هڪ استاد مظهر علي بهڻ هو جيڪو بيماري سبب گذاري ويو، انتظاميه جي نااهلي سبب ٻارن جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي: مظاهرين

اسان مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس ڪير به نوٽيس نٿو وٺي، اسان کي استاد نٿو ڏنو وڃي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) تعلقو مورو جي يوسي لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي پرائمري اسڪول غلام نبي لاشاري ۾ استاد ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺائن ۽ ٽنڊين اسڪولي شاگردن جو احتجاج تنصيل موجب يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 11 جنوري 2023ع

جنيوا ڪانفرنس مان اميد ۽ آءِ ايم ايف جو آسرو

پاڪستان جون معاشي حالتون اتي اچي پهتيون آهن جتي هر ڪنهن جي وات اها وائي آهي ته ڪٿي ملڪ ڊيفالٽ نه ڪري وڃي. انهي جو سبب ڇا به هجي پر اڄوڪا حڪمران ان کي اڳوٿي حڪومت جي غلط پاليسين جو نتيجو قرار ڏئي رهيا آهن جڏهن ته اڳوٿا حڪمران وري اهو الزام لڳائي رهيا آهن ته پرڏيهي سازش تحت سندن حڪومت کي هٽائڻ جي ڪري اها معاشي صورتحال خراب ٿي آهي ڇاڪاڻ ته سياسي عدم استحڪام پيدا ٿيڻ ڪري پاليسين ۾ تسلسل نه رهيو ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري رڪجي وئي. سبب ڪهڙو به هجي پر انهي سڄي صورتحال جي ڪري عذاب ۾ عوام آهي جنهن کي نه سستو اٽو ٿو ملي نه ئي وري مهانگائي قابو ۾ اچي رهي آهي. جڏهن ته سانوٽي ۾ آيل برساتي ٻوڏ صورتحال وڌيڪ خراب ڪري ڇڏي ۽ لکين ماڻهو اڄ به دربدر آهن ۽ بحالي لاءِ حڪومتي مدد جا منتظر آهن ۽ حڪومت وري ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ ملڪي معيشت کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ عالمي امداد ۽ آءِ ايم ايف جي قرض جي آسري تي آهي. جيڪڏهن حڪومت کي ٻاهرين امداد ملي ٿي ته ٻوڏ متاثرن جو به ڪجهه بلو ٿي سگهندو ۽ ملڪي معيشت به اڳتي رڙهڻ جهڙي ٿيندي جيڪڏهن اميد جيتري امداد ۽ قرض نه ٿو ملي ته ملڪي معيشت ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي جو ٻيو ڪو امڪان نظر نه ٿو اچي ڇو ته ملڪي خزانو ان حالت ۾ ئي ناهي جو اهو بار اڪيلي سر ڪڍي سگهي.

جنيوا ۾ گڏيل قومن ۽ پاڪستان جي ميزباني هيٺ ٻوڏ متاثرن جي امداد لاءِ عالمي ڊونرز ڪانفرنس شروع ٿي آهي جنهن ۾ پاڪستان کي اميد مطابق مدد جو آسرو مليو آهي جنهن کي حڪومت پنهنجي اهم ڪاميابي ڄاڻائي رهي آهي. انهي عالمي امداد سان هڪ طرف ٻوڏ متاثرن جي بحالي جي ڪوشش کي هٿي ملندي ته ٻئي طرف ملڪ کي جيڪو فوري طور ڊيفالٽ جو خطرو آهي ان کان به بچي سگهبو. ڇاڪاڻ ته آءِ ايم ايف سان به ڳالهيون ٿيڻون آهن جتان قرض جي قسط ملڻ جو آسرو آهي. عالمي امداد ۽ آءِ ايم ايف جو قرض اهو عارضي حل آهي جنهن ذريعي فوري طور ملڪ کي ڊيفالٽ کان بچائڻ ۽ ٻوڏ متاثرن جي ڪنهن قدر بحالي ممڪن ٿي سگهندي انهي ڪانپوءِ حڪومت جو اصل امتحان شروع ٿيندو ته اها ڪهڙيون معاشي پاليسيون ٿي جوڙي جن سان ملڪي معيشت به پنهنجي پيرن تي بيهي ته عوام کي به رليف ملي سگهي. جيڪڏهن آءِ ايم ايف قرض ڏيڻ لاءِ راضي نه ٿيو ته ملڪ جي ڊيفالٽ ٿيڻ جو خطرو آهي جنهن کان پوءِ مهانگائي ۽ شين جي اڻلڀ ٿيڻ جو اهڙو طوفان ايندو جو ضرورت جون شيون ته ڇا ماڻهو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان ٿي ويندا. هن وقت ئي سڄي ملڪ ۾ اٿي ۽ عام استعمال جي شين جا اڳه ايترا چوٽ چڙهي ويا آهن جو عام ماڻهو پنهنجون ٻيون ضرورتون پاسي تي رکي رڳو ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ ۾ پورا آهن. هن وقت جيڪو سيني کان اهم مسئلو آهي اهو اهو آهي ته ٻوڏ متاثرن جي بحالي ڪيئن ڪئي وڃي ۽ ملڪ مٿان ڊيفالٽ جي خطري کي ڪيئن ٽاريو وڃي، جيڪو آسرو آءِ ايم ايف جي امڪاني قرض ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿو جنهن کان پوءِ ئي دوست ملڪن جي امداد يا قرض ۽ ٻاهرين سيڙپڪاري جا وڌيڪ دروازا کلي سگهن ٿا.

اسان سمجهون ٿا ته جنيوا ۾ ٿيندڙ عالمي ڊونرز ڪانفرنس ۾ شروعاتي اعلان پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن ۽ خود پاڪستان لاءِ اميد جو هڪ ڪرڻو آهن ۽ اها اميد پيدا ٿي آهي ته ٻوڏ ۾ دربدر ٿيل ماڻهن جي بحالي لاءِ ڪوششون ڪامياب ٿيندڙ پر اصل مسئلو حڪومت جي ڪارڪردگي جو آهي ته ٻاهريان ايندڙ امداد کي اها ڪيئن شفاف نموني انهن ٻوڏ متاثرن جي مڪمل بحالي تائين خرچ ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته حڪومتن جا ماضي جا مثال ۽ تجربا ڪي سٺا نه رهيا آهن. بهرحال جنيوا ڪانفرنس مان بهتر اميد ۽ آءِ ايم ايف مان ئي آسرو آهي جن ڏانهن پاڪستان هن وقت ڏسي رهيو آهي.

يڪتاروءِ چپڙي جي بيتاج بادشاه لوڪ فنڪار جلال چانڊيو جي 22 ورسي

محمد خالد ميمڻ

ساهتي پرڳڻو سنڌي ادب، تعليم، صحافت، آرٽ ۽ موسيقي جي حوالي سان اوائلي دور کان وٺي مالا مال رهيو آهي. ۽ هتان جي اديبن، شاعرن، دانشورن، تعليم دانن ۽ فنڪارن ڏيه توڙي پرڏيهه ۾ پاڻ مڃائي سنڌ جو ڳاڻ اوجو ڪيو آهي. ساهتي پرڳڻي هر مڪتب فڪر جي شعبي سان گڏوگڏ موسيقي جي ميدان ۾ پڻ وڏو نالو ڪمايو آهي. ڳالهه ڪجي موسيقي جي ته اسان وٽ استاد گلزار علي خان، ماسٽر چندر ۽ انور وسطڙي ۽ جلال چانڊيو جهڙا نالا تڪڙ ۾ ذهن تي اڀري اچن ٿا جن ڏيه پرڏيه ۾ نالو ڪمايو. اڄ افسوس سان اهو چوڻو پوي ٿو ته اسان جي راڳيين سنڌي موسيقيءَ کي جيئندان ڏئي جلا بخشي ۽ ٻڌندڙن ۽ روحاني فيض پهچائي ڪين جهومائي ڇڏيو پر اسان جي بي حس حڪومتن سندن ڪتيو ته ڪاڏو پر سندن مالڪي نه ڪئي جنهن سبب هو بي ياروءِ مددگار ليندي راهه رباني وٺي رمندا رهيا. راڳي لوڪ فنڪار جلال چانڊيو جو جنم سال 10 اگسٽ 1944ع ڌاري ساهتي پرڳڻي جي شهر ڦل پرسان ڳوٺ هڙپال جو هٿ ۾ حاجي فيض محمد چانڊيو جي گهر ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان سنڌس وڏڙا درزي ڪر ڪندا هئا. سندس والد ڪيس نوان جتوئي شهر ۾ هڪ درزي دوڪان تي درزي ڪم سيکارڻ لاءِ ويهاريس پر اتي سندس دل نه لڳي ۽ ٻڪرين جو ڏڻ چارڻ لڳو ۽ ٻڪريون وڃائي جهر جهنگ ۾ جهرنگارينڊو هو ۽ آهستي آهستي ڪيس راڳي ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو. جلال چانڊيو ان پڙهيل هو سندس ڪابه تعليم نه هئي، پر قدرتي طرح سندس ذهن جو حافظو تمام بهترين هو، سندس ذهن پختو ۽ حافظو ڪمال جو هو جو ڪنهن به ڪلام کي هڪ دفعو ڪير به ڪيس پڙهي ٻڌائيندو هو ته ڪيس بر زبان ياد ٿي ويندو هو. پهريون ڪلام ڦل شهر پرسان مقامي ميلي ۾ ڳايائين. لڙي لنگهجان متان نظر لڳي، تون ٽولچڪين اڳئي. هن راڳ سرلڻ جي سڪيا ميرپور ماٿيلي جي راڳي فنڪار علي گل مهر کان ورتي. جيڪو ڳوٺ جاني ڳبول گهوٽڪي جو رهواسي هو جلال چانڊيو ۽ سندس والدين درگاهه نانگو شاه غلام شاه جا مريد هئا، پاڻ ڳوٺ قمرالدين چانڊيو ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ کان پوءِ مصرجي واهه پرسان لڏي ويٺا چون ٿا ته دشمني سبب گهر کي باهه لڳي ۽ اله تلهه سڙي ويو ان بعد موري شهر ۾ ٻانڊي روڊ تي مسواڙي جڳه وٺي رهائش اختيار ڪيائين. موري ۾ رهائش بعد ڀرسان لڏي ويٺا چون ٿا ته دشمني سبب گهر کي باهه لڳي ۽ اله تلهه سڙي ويو ان بعد موري شهر ۾ ٻانڊي روڊ تي مسواڙي جڳه وٺي رهائش اختيار ڪيائين. موري ۾ رهائش بعد ڀرسان لڏي ويٺا چون ٿا ته ڪيس بر زبان ياد ٿي ويندو هو. پهريون ڪلام ڦل شهر پرسان مقامي ميلي ۾ ڳايائين. لڙي لنگهجان متان نظر لڳي، تون ٽولچڪين اڳئي. هن راڳ سرلڻ جي سڪيا ميرپور ماٿيلي جي راڳي فنڪار علي گل مهر کان ورتي. جيڪو ڳوٺ جاني ڳبول گهوٽڪي جو رهواسي هو جلال چانڊيو ۽ سندس والدين درگاهه نانگو شاه غلام شاه جا مريد هئا، پاڻ ڳوٺ قمرالدين چانڊيو ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ کان پوءِ مصرجي واهه پ

بقايا سنڌيار 01

ڪاميٽي ڊاڊو ملازم يونين جي اليڪشن ۾ ميونسپل ڪاميٽي ملازمن يونين تي 30 سالن کان انصاري پينل جو مسلسل راج ختم، حسيني پينل ملازمن جي وڏي ووٽ سان ڪاميابي، ريلي ڏهل جي تاڪ تي رقص، ميونسپل ڪميٽي ايمپلائيز يونين ڊاڊو جون 2 سالا چونڊون اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين منير سولنگي جي صدارت هيٺ ٿي گذريون جنهن ۾ 413 ووٽرن پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪيو جنهن ۾ حسيني پينل 244 ووٽ ڪڍي ڪامياب ٿيو جڏهن ته ايمپلائيز يونين گذريل 30 سالن کان حڪمراني ڪري رهي آهي. انصاري پينل 162 ووٽ ڪڍي هاريل جڏهن ته 7 ووٽ خارج نڪتا. جڏهن ته حسيني پينل 82 ووٽ ڪڍي ڪاميابي حاصل ڪئي، جنهن ۾ صدر مرتضيٰ پنڊ، سينيئر نائب صدر عبدالسلام جمالي، نائب صدر اعجاز پنڊ، جنرل سيڪريٽري زمان الله پنهور شامل آهن.خزانچي ياسين سيال ۽ ٻيا عهديدار چونڊجي ويا. جڏهن ته چونڊن جي نتيجن جو اعلان ٿيڻ تي ميونسپل ملازمن چونڊيل پينل جي عهديدارن سان گڏ خوشي ۾ ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪيو ۽ ڍهل شرنئين رقص ڪيو نعري حيدري جي نعريبازي ڪئي. چونڊيل آفيسرن پنهنجي ملازمن جي حقن سان گڏ شهر جي صفائي سٿرائي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. ۽ ٻين سياسي سماجي شخصيتن چونڊيل عهديدارن کي سندن ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني آهي

بقايا سنڌيار 02

عالمائي جي نالي سان قائم ووڪيشنل پرائمري اسڪول جي عمارت جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته افسوس جو مقام آهي ته سنڌ ۾ ٻهراڙين جي اندر تعليم نالي ماٺ رهجي ويئي آهي ، سنڌ جي اندر سوين اسڪول بند پيل آهن جنهن مان اڪثريت گرلس اسڪولن جي آهي جتي تعليم ڪاٽي طرفان ليڊي ٽيچرز مقرر ڪرڻ جو ڪو به اختيار استعمال نه ڪيو ويو آهي ، وري ليڊي ٽيچرز کي ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ موڪلڻ لاءِ ڪا به ٽرانسپورٽ جي سهوليت فراهم ڪئي ويئي آهي ، افتتاحي تقريب جي خاص مهمان بئريسٽر حسين علي مخاطب ٿيندي چيو ته هر هڪ معاشري ۾ صرف تعليم سان ئي انقلاب پرپا ڪري سگهجي ٿو ، سنڌ ۾ تعليم جي ترقي لاءِ پوري سول سوسائٽي کي پاڻ اڳتي اچڻو پوندو ، سنڌ جا بند پيل اسڪول سرڪار جي طرفان کولائڻ جو هاڻي انتظار نه ڪرڻ گهرجي ، سڄي دنيا ترقي ڏانهن تعليم جي شعبي ۾ ترقي اڻڻ سان اڳتي وڌي رهي آهي ، اسان کي ڪنهن به سرڪار جي اچڻ کان اڳ پاڻ اڳتي وڌي ڪئي ڪيل اسڪول جي عمارت جيان صرف پنهنجي مدد پاڻ تحت اسڪول قائم ڪرڻا پوندا ته سنڌ جو تعليمي نظام تباهي کان بچي سگهندو ، افتتاحي تقريب کي سنڌ جي ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر انور علي عالمائي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تعليم کي سازش تحت تباه برباد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي ، سنڌ ۾ تعليم کي پٽ تي رکڻ جي ذميوار هر دور ۾ سنڌ سرڪار رهي آهي ، سنڌ ۾ بند پيل اسڪولن کي وڏيرا ٻوطاقون بڻائي پنهنجي ذاتي ملڪيت قرار ڏيئي رهيا آهن جنهن جي خلاف سرڪار کو به قدم کڻي نه سگهي آهي ، سنڌ جي تعليم کي وڏيڪ تباهي بربادي کان بچائڻ لاءِ صرف تعليم جي شعبي ۾ نياڻين جي تعليمي زيور کي مضبوط ڪرڻو پوندو ، جنهن ۾ هنرمند شعبي کي وڏيڪ ترقي ڏيارڻ جي اهم ضرورت آهي ، تقريب کي ليڪڪ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ تعليم جو فقدان موجود آهي ، سنڌ تعليم جي شعبي ۾ ملڪ جي ٻين صوبن کان تمام گهڻو پٺ تي رهجي ويئي آهي ، جنهن لاءِ حڪومتي سطح تي حڪمران جماعت کي سنڌ جي تعليمي سرشتي کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي اقدام ڪرڻ جي ضرورت آهي ، تعليم جي ترقي کانسواءِ سنڌ ترقي جي منزل ماڻي نه سگهندي ، تقريب کي زرعي يونيورسٽي ٽنڊوجام جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر امتياز انصاري ، محمد جمن سومرو ، نياز احمد عالمائي ، فضل عالمائي ، پروفيسر رسول بخش پرڳڙي ۽ ٻين خطاب ڪيو . جڏهن ته اسڪول جي افتتاحي تقريب ۾ لوڪ فنڪارن پنهنجي فن سان قومي گيت پڌائي داد حاصل ڪيو. سنڌ ۾ تعليم جي بابت تقريري مقابلا ۽ ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا .

بقايا سنڌيار 03

هاليپوٽو، ذوالفقار پيو پرڳڙي ، نواب بڙدي ، راجا سرمد ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ اٿي جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪري عوام کي پريشان ڪيو پيو وڃي ، خوراڪ کاڻي طرفان اعلاڻيل 65 روپيه في ڪلو جو اعلان ڪري عوام کي قطارن ۾ بيهاري تذليل ڪيو پيو وڃي ، سنڌ جي عوام کي پريشانين ۾ مبتلا ڪيو پيو وڃي ، ٽنڊو محمد خان جي عوام کي سستو اٽو فراهم نه ڪري عوام سان زيادتي ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

چڏيا 15 روپي واري ماني 30 روپين تائين وڪرو ٿيڻ لڳي عوام سخت پريشان آئي جي چڪين تان به اٽو اڻلڀ ٿي ويو قوم پرست اڳواڻن سان گڏ اپوزيشن سياسي اڳواڻن توڙي شهرين پاران سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي رپورٽ موجب سنڌ حڪومت پاران عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي آهي ان حوالي سان پاڪستان مسلم ليگ ن صوبي سنڌ جي نائب صدر غلام سرور تنيو . قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر علينواز گبول . محبوب علي ڪوسو علي بابا ۽ ٻين اڳواڻن توڙي شهرين سنڌ حڪومت مٿان الزام لڳائندي چيو آهي ته سنڌ ۾ اٿي جو بحران سنڌ حڪومت جاڻي واڻي پيدا ڪري عوام کي پريشان ڪيو پيو وڃي، اڳواڻن ۽ شهرين چيو ته سنڌ حڪومت پاران اٿي جو هٿرادو بحران پيدا ڪري ڪڍڪ تي سياست پئي ڪري،پهريائين سنڌ جي عوام ٻوڏ جي سٽائل مهنگائي ۽ بيروزگاري مان پريشان آهي ته وري اٿي سنڌ حڪومت عوام مٿان اٿي جو بحران واري ٻه اچلائي سندس وڏيڪ چيلهه جهي ڪري چڏي آهي اڳواڻن چيو ته هن وقت ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ ڪڪڻ توڙي اٿي جي بحران سان گڏ 15 روپي واري ماني 30 روپين تائين وڪرو ڪئي پئي وڃي اڳواڻن چيو ته جتي مزدور طبقو هڪ وقت ۾ ٻا ماني کائندو هو هاڻ اٿي هڪ ماني کائڻ تي مجبور آهي،اڳواڻن وڏيڪ چيو ته پيپلزپارٽي هن وقت غريب عوام جي دشمن ٿي پئي آهي سندس جتي وڃ ملي ٿواٽي گهٽ نه ٿي ڪري پيپلزپارٽي واري نعرو روٽي ڪپڙا اور مڪان الٽو ٿي پيو آ هاڻ روٽي ڪپڙا اور مڪان بيچ رها هي هر انسان مجبور ٿي پيو آهي، اڳواڻن ۽ شهرين اٿي جي بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هوٽل تان ماني جو ريٽ وڌڻ خلاف سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سندس با اعلي ادارن کي اٿي جي بحران کي ختم ڪرائڻ ۽ وڌندڙ اڇهن کي روڪڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 05

ٻين جي اڳواڻي ۾ رٿائرڊ ملازمن پاران پبلڪ پارڪ مڪلي تي هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪندي رٿائرڊ ملازم اڳواڻن چيو ته سنڌ جي سرڪاري رٿائرڊ ملازمن سان 12 ڪيائي وارو رويو اختيار ڪيو ويو آهي، اسان رٿائرڊ سرڪاري ملازمن کي گروپ انشورنس، ساليانو بجيٽ ۾ 10 سيڪڙو واڌ سميت ٻين الائنس، پينشن ۽ ٻين مراعتن کان محروم رکيو پيو وڃي، جنهن سبب اسان ڏگهي عرصي تائين سرڪار کي سروسز ڏيڻ بعد رٿائرٿيڻ کانپوءِ پريشاني جو شڪار آهيون ۽ ٻئنڪ تي به پينشن ۽ ٻين مراعتن لاءِ اسان پيرسن رٿائر ملازمن سان ناروا رويو اختيار ڪيو وڃي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته سنڌن جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري دنيا جي ٻين ملڪن جيان رٿائرڊ پيرسن ملازمن کي خصوصي اهميت ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 06

مان ڪٽيل گروپ انشورنس، رٿائرڊ ملازمن جي پڳهارن مان ڪٽيل بيئنيو لينٽ فنڊ جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو تفصيلي خبر موجب گريوا سنڌ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر عبداللطيف راجپر جي حڪم تي گورنمينٽ رٿائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن (گريوا) جي رٿائرڊ ملازمن پوري سنڌ جيان اڄ سيناريا ۾ به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن اي ڊي نورمحمد ڪهر، پروفيسر نصرالله رند، آفتاب حسين رند، محبوب حسين ڪهر، محمد شريف راجپر، غلام حيدر لنڊ، استاد اشفاق حسين لنڊ، استاد عبدالڪريم ڪب، غلام مرتضا راجپر، محمد شريف راجپر، استاد ظفرالله لنڊ، غلام شبير گوپانگ، بابو شير محمد راجپر، سيد پچل شاه، عرفان حيدر شاه، استاد ڦلجي، استاد عطا محمد چاڪراڻي، عبدالعروف چاڪراڻي، غلام رسول لنڊ، ڏڻي بخش ڏيپر، استاد اعجاز علي لنڊ، غلام فاروق رند، استاد فتح محمد لنڊ، استاد ممتاز حسين ملاح، شير محمد نوحپوٽو، حاجي غلام حسين ڏيپر، ارشاد علي نوحپوٽو، غلام اڪبر گوپانگ، عبدالحفيظ راجپر ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته سنڌ جي رٿائرڊ ملازمن کي وزيراعظم پاڪستان جي اعلاڻيل 10 سيڪڙو واڌ، اپريل 2022 کان ڪئي وڃي، رٿائرڊ ملازمن جي پڳهار مان ڪٽيل گروپ انشورنس جاري ڪرڻ سميت رٿائرڊ ملازمن جي پڳهار مان ڪٽيل بيئنيولينٽ فنڊ جلد کان جلد جاري ڪيو وڃي. هنن وڏيڪ چيو ته گريوا ملازمن سان گورنمنٽ ماٺيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي هنن چيو ته سنڌ جي رٿائرڊ ملازمن کي ٻين صوبن جيان مراعتون ڏنيون وڃن ته جيئن اسان پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر صحيح نموني سان ڪري سگهون.

بقايا سنڌيار 07

سستو اٽو ڏيو جا زوردار نعرا هنيا ويا احتجاجي مظاهري کي عوامي تحريڪ ٽريڊرز جي ضلعي صدر وڪيل ديوتراءِ اڀيانيو جوڻيجو سايينداد هنگورجو ڪبير پيل لو لڪاڻي ڪرشن ميگهواڙ سورو مل پيل عزيز هنگورجو پورالال پيل صديق بجير ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ت حڪمرانن اٿي جو هٿرادو اگ وڏايي عوام کي جيئ جوحق ڪسي جيبرو مارڻ چاهي ٿي جيڪو حڪومت جي نااهلي آهي ۔ ڪرپٽ چور وڏيرا اقتداري ڌر پنهنجي اقتدار جي نشي ۾ عوام کي ڪنگال ڪري بکون مارڻ چاهين ٿا جيڪو عوام دشمن پاليسي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سپريم ڪورٽ هاءُ ڪورٽ جي عدالت کان مطالبو ڪندي انهن وڏيڪ چيو ت عوام دشمن پاليسي بند ڪري عوام کي سستي اگ تي اٿو لاينن بجاءِ هر دڪان تي جلد ڏنوجي ٻي صورت ۾ گهوٽن مان شارٽ مارج ڪري شٽر بند ڪيڻا روڪ هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو.

بقايا سنڌيار 08

يونين ڪائونسل ٽنڊوسائينداد جي ضلعي ڪائونسل جي سيٽ جي آزاد اميدوار پير عمر خليل جان سرهندي عوامي ڪارنر گڏجاڻي کي مخاطب ٿيندي ڪيو ، هن چيو ته هن علائقي جي عوام جيڪي اميدون رکيون آهن انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ عوام کي پنهنجي ووٽ جو حق قومي ڪاز کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هر حالت ۾ پنهنجو ووٽ ايماندداري سان ادا ڪرڻو پوندو . 15 جنوري عوام جي فتح ۽ گل تي ٻيي جو ڏينهن ثابت ٿيندو ، عوامي ڪارنر گڏجاڻي کي آزاد پئنل جي سربراه پير معصوم جان سرهندي مخاطب ٿيندي چيو ته عوام ٽنڊوسائينداد جي خوشحاڻي لاءِ پنهنجي روشن مستقبل جي تعميرات ڪرڻ جي شروعات ڪندي مڪاني چونڊ ۾ آزمايل بجاءِ وري نوجوان اهلي قيادت کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ آزاد اميدوارن کي ووٽ ڏيئي صرف گل تي ٿپا هڻي هر حالت ۾ ڪامياب ڪندو . گل نشان جي ڪامياب عوام جي ڪامياب آهي ، جنهن کي هاڻي عوام کان ڪير به الڳ ڪري نٿو سگهي ، ڪا به حڪومتي مشينري عوام جي سمنڊ آڏو عوام سان ويساهه گهاتي نه ڪري سگهندي ، عوام جو فيصلو صرف گل نشان جي ڪامياب آهي ، ڪارنر گڏجاڻي کي يونين ڪائونسل ٽنڊوسائينداد جي چيئرمين شپ جي آزاد اميدوار پير غلام مجدد جان سرهندي مخاطب ٿيندي چيو ته عوام کي پنهنجي ووٽ جو صحيح حق ادا ڪرڻ سان ڪين پنهنجا حق ملي سگهندا ، ٽنڊوسائينداد کي ماضي ۾ تمام گهڻو ترقياتي ڪمن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي پر هاڻي ٽنڊوسائينداد جي عوام سڄاڳ ٿي چڪي آهي ، عوام پنهنجي قسمت جو پاڻ فيصلو ڪري 15 جنوري تي مڪاني چونڊن ۾ گل نشان تي ٿپا هڻي ٻين نشانن کي ناڪام ڪري چڏيندو ، ڪارنر گڏجاڻي ۾ يونين ڪائونسل ٽنڊوسائينداد جي مختلف برادرين طرفان آزاد اميدوارن جي پئنل گل نشان کي ووٽ ڏيڻ جي حمايت ڪئي ويئي ، جڏهن ته ٽنڊوسائينداد جي سرهندي خاندان جي نوجوانن جي آزاد پئنل طرفان يوسي ٽنڊوسائينداد ۾ گهر گهر ورڪ دوران عوام جي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو ويو آهي ، عوام پنهنجي اميدوارن کي گلن جي ورڪا S52سان سندن شاندار آجيان ڪئي .

بقايا سنڌيار 09

استاد عبدالرحيم قاضي کي گستا ضلعي سجاول جو بنا مقابلي جنرل سيڪريٽري چونڊجڻ تي سندس مان ۾ آجيائي واري تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پرنسپال اصغر خواجه، هيڊ ماسٽر اعظم پليجو استادن عبدالرحيم پليجو، ابراهيم سومرو، منظور احمد ڪتي، عبدالڪريم پليجو، گل حسن سومرو، خالد سومرو، آفتاب پليجو، ممتاز ملاح سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته استاد عبدالرحيم قاضي جي ڪردار سندس تعليمي خدمتن ۽ سيڪنڊري استادن جي مفادن لاءِ ڪرڻ جي عيوض ڪيس پيتا پيش ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 10

عبدالرحيم بڪاري، مهراڻ درس ۽ اسد الله رستماڻي جي اڳواڻي ۾ رٿائرڊ سرڪاري ملازمن کي سنڌ حڪومت پاران گروپ انشورنس، بينيوويلنٽ فنڊ ۽ وزير اعظم طرفان اعلاڻيل 10 سيڪڙو پينشن نه ڏيڻ تي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته نوڪري دوران سندن پڳهارن مان ڪٽيل گروپ انشورنس ۽ بينيوويلنٽ فنڊ جي رقم هر رٿائرڊ ملازم جو حق جيڪو ٻيا صوبا رٿائرڊ ملازمن کي ڏئي رهيا آهن پر سنڌ حڪومت رٿائرڊ ملازمن کي پنهنجوحق نٿي ڏي. سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ڪئي ته سنڌ حڪومت کي رٿائرڊ سرڪاري ملازمن کي پنهنجا جائز حق ڏيارايا وڃن.

بقايا سنڌيار 11

جي اڳواڻ جاويد هاليپوٽو سليم هاليپوٽو ساجد سنڌي ڪامران لغاري صدام زنگيجو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسمبلي ۾ سنڌ کي توڙهڻ جي سازش ڪري صوبا ٺاهڻ افغانين کي سجاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ جي ٺهيل ڪميٽي مهنگائي آئي جي اٿلپ بليڪ تي وڪرو ڪرڻ سڌڙ جي نيائين کي انڪر سپورٽ ۾ برسات ۾ جن جا گهر ڪريا عورتن کي يو بي ايل بينڪ سميت امداد ۽ اٿي جي خريداري لاءِ سنڌ حڪومت عورتن جي تذليل ڪري رهي آهي اسپتالون آهن اعلاج ڪونهي اسڪول آهن تعليم نه آهي روزگار آهي سنڌ جي وارثن لاءِ نه آهي ٽنڊو محمد خان ۾ متائرن لاءِ ايل ٽينٽ راشن ظاهر ڪري ڏنا هر مسئلي تي قومپرست اڳيرا جهدوجهد ڪري قوم جي حقن جي آواز بلند ڪرڻ تي قومي ورڪرن جي گهرن تي چڙهائي ڪري هراسان ڪيو پيو وڃي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي اسان پنهنجي مقصد تان هٽ نه ڪنداسين 13 ، جنوري تي ريلوي اسٽيشن کان پريس ڪلب تائين مهنگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 12

آيل آهي جيڪي انهن کي نٿا ٻڌايا وڃن انهن پئسن جي پرچي به انهن کي نٿي ڏني ٿي وڃي جڏهن ته ڊوائيز هولڊر پنهنجي من پسند ماڻهن ۽ ايجنٽ جاڪارڊ ڪڍي رهيو آهي جڏهن ته عام ۽ بي پوهڻ ماڻهون سجو ڏينهن لائين ۾ بيهي بيهي سگهي وڃي ٿو جڏهن ته پهراڙي کان آيل مستحق عورتن ۽ مرد کان ٺاروشاه بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو ڊوائيز هولڊر شهباز سومرو 1000روپيه في ڪارڊ تي سري عام ڪٽوتي ڪري رهيو آهي انتظاميا اڳهوريو نند سٽل عوام پريشان عوام جو ڊي سي ٽوشهرو فيروز کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

بقايا سنڌيار 13

قتل ڪري چڏيو مقتول پورهيت ملازم جي نماز جنازا سجل ڳوٺ سپارڪو روڊ تي ادا ڪئي جنهن ۾ سياسي سماجي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين قتل واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ ايس ايچ او سجل ڳوٺ گلبهار رند رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مقتول جا وارث اڃڻ بعد قتل ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 14

، ميرولي محمد تالپر، ولي محمد سيال، حاجن لاڙڪ، نذير قريشي ۽ ٻين چيو ته رٿائرڊ سرڪاري ملازمن کي مراعتون نه ٿيون ملن جنهن ڪري هو عذاب پري زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته رٿائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي، ڏهه سيڪڙو پينشن وڌائي وڃي ۽ ملازمن کي بينيولڊ فنڊ جيڪو ملازمن جو حق آهي اهو ڏنو وڃي. ڄاڻايل مراعتون ملڪ جي ٻين صوبن جي رٿائرڊ ملازمن کي ڏنيون وڃن ٿيون پر سنڌ جا سرڪاري ملازم محروم آهن. انهن مطالبو ڪيو ته رٿائرڊ ملازمن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 15

ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) سنڌ خبر موجب: انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) ضلع شڪارپور جي آئي ٽي ملازمن طرفان اپ گريڊيشن کي ٽي سال مڪمل ٿيڻ تي حوالي سان مقامي هوٽل ۾ هڪ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو ۽ اپ گريڊيشن کي ٽي سال پورا ٿيڻ تي ڪيڪ ڪاٽي ڪري اپ گريڊيشن جو ڏينهن ملهايو ويو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وحيد ڦلهوٽو صوبائي ميمبر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايسوسيئيشن سنڌ چيو ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جا ملازم هر ڊپارٽمينٽ ۾ ڪرنگهي جي هڏي واري اهميت رکن ٿا باوجود انهي جي پهريائين هر ڊپارٽمينٽ جي انفارميشن ٽيڪنالاجي سان واسطو رکندڙ ملازم جنهن گريڊ ۾ پرتي ٿيندا هئا ان گريڊ ۾ ئي رٽائرڊ ٿيندا هئا ۽ اڻيڪ مسئلن کي منهن ڏيندا هئا پر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي قيام کان پوءِ اٿي ٽي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن انهي سلسلي ۾ اڄ کان ٽي سال اڳ ۾ صوبائي صدر سنڌ اشفاق ملاح، صوبائي سيڪريٽري جنرل زبير سومرو، جاويد ڪيريو، زاهد جوڻيجو، حمير تاج ميمڻ، منصور احمد مهر، اي جي انصاري، مظهر منگي، راحب حسين عاريائي، سميت ٻين دوستن جي اٿڻڪ ڪوشش سان ٽي سال اڳ اٿي ٽي ملازم کي اپ گريڊيشن جو تحفو مليواڻ ان سلسلي ۾ ڪيڪ ڪاٽي اپ گريڊيشن جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي، وحيد ڦلهوٽو چيو ته هاڻي اٿي ٽي جي ملازمن کي هڪ پليٽ فارم مليو آهي ۽ بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ وارا اڳواڻ مليا آهن جيڪي ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ يقين رکن ٿا.

بقايا سنڌيار 16

نوجوان مجاهد ملڪ ٻڌايو ته ناري جا مائٽ اختر ملڪ رحمت الله ملڪ الهڏنو، اسماعيل، امداد ملڪ ۽ ٻيا ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ مون تي ۽ منهنجي مائٽن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن. جوڙي پاران سپريم ڪورٽ، هاءُ ڪورٽ سکر آءجي سنڌ. ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 17

مختلف ۽ ڏورانهن علائقن جون عورتون جن سان گڏ ٻارڙا پڻ شامل هجن ٿا جن کي پڻ پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ٻري پري کان آيل سوين عورتن پاران حبيب بئنڪ لٽي اڳيان قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو، عورتون جو چوڻ هو ته جڏهن هو بئنڪ آڏو پهتيون ته اي ٽي ايم مشين کي بند ڪري ڪين پريشان ڪيو ويو. عورتن جو چوڻ هو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊيوائس هولڊرز پاران سندن اينڊڙ رقم مان 1000 رپيا ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي، ان حوالي سان بي ايس پي انتظاميا ۽ ضلعي انتظاميا پاران ڪو به نوٽيس نه ورتو پيو وڃي، جڏهن ته ڊوائيسون به اڪثر خراب هجن ٿيون پف پچڻ وارو ڪو به ناهي.

بقايا سنڌيار 18

بارشن سبب آبادگارن جي فصلن جي تباهي سبب بدحال آهن.هاڻي جيڪا اراضي آبادي جي قابل آهي ان لاءِ انهن کي ريليف ڏيڻ جي ضرورت آهي، ان چيو ته ذخيري انڊوزي ختم ڪرڻ ۽ قيمتن تي ڪنٽرول ڪري آبادگارن کي ريليف ڏنو ويندو، ان پاڻ جي ڊيلرن کي چيو ته حڪومت پاران طي ڪيل ريٽ تي يوريا ۽ ٻيوپاڻ جي فراهمي کي يقيني بنايو وڃي ٻي صورت ۾ انهن جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، ان موقعي تي خطاب ڪندي ايديشنل ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت غلام فاروق وسطڙو ٻڌايو ته ضلعي ۾ 3 لک 77 هزار 6 سو ايڪڙ اراضي تي مختلف فصلون پوکيل آهن، جنهن جي لاءِ يوريا پاڻ جي گهرج 11لک 32 هزار بيگ آهي جڏهن ته ضلعي کي 7 لک 41 هزار 900 پورين فراهم ڪيون ويون آهن اهڙي طرح 3 لک 99هزار پاڻ جي پورين جي ڪوٽ آهي، ان موقعي تي سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر اشفاق تڳر چيو ته پاڻ ٺاهيندڙ فيڪٽريون ضلعي ۾ پاڻ جي گهرج پوري نه پيون ڪن.ان چيو ته اسان جو ملڪ زرعي ملڪ آهي جيڪڏهن زرعي معيشت بهتر ٿيندي تڏهي ملڪ جي ترقي ٿي سگهندي، ان مطالبو ڪيو ته ضلعي ۾ امپورٽڊ يوريا جي استوريج لاءِ سرڪاري سطح تي گودام ٺاهيا وڃن، ان موقعي تي زرعي پاڻ جي ڊيلرن شڪايت ڪئي ته ڪمپنيون ايڊوانس رقم وٺڻ باوجود يوريا پاڻ فراهم نه پيون ڪن ۽ يوريا سان گڏ اين اي پي ۽ ڊي اي پي پاڻ خريد ڪرڻ لاءِ پابند ڪيو پيو وڃي، اجلاس ۾ سپني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، فوجي فرٽيلائزر، فاطمه فرٽيلائزر، اينگرو فرٽيلائزر جي نمائندن ۽ ڊيلرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

احتجاج ڪندي چيو ته 20 سالن کان پوءِ نئون ڪوٽ گرڙا ٻاهه کان ڊيپلو ويندڙ مين روڊ جيڪو 15 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان 5 ڪلوميٽر ڪارپيٽ روڊ جنهنجو تعميراتي ڪم گذريل 8مهينن کان شروع ڪيو ويو آهي ٺيڪيدار روڊ تي هلڪو پٿر ڌامر بجاءِ ڪارو تيل استعمال ڪري روڊ جي سٽياناس ڪري چڏي آهي اڳيان روڊ ٺهندو وڃي ته پويان کان ٽٽندو پيو وڃي تعميراتيل روڊ تي غير معياري مٽيريل جي استعمال سان گوڏي جيڏا ڪڏا پئجي ويا آهن هنن چيو ته اسان مسلسل احتجاجي مظاهرا ڪري چونڊيل نمائندن کي روڊ تعمير ڪرڻ تي مجبور ڪيو جنهن جو 15 ڪروڙ رپين جو 5 ڪلوميٽر ٺيڪو ٿيو پر هاڻ ٺيڪيدار غير معياري مٽيريل استعمال ڪري رهيو آهي هنن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر سميت روڊس کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽس وٺي روڊ جو ڪم بهتر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

سعيد احمد جلباڻي ڊاڪٽر سڪندر علي سومرو ڊاڪٽر سيد نثار علي شاهه ڊاڪٽر محمد صفر چنڊ ڊاڪٽر شاهد مصطفيٰ ميمڻ، پروفيشنل پيراميڊڪس اڳواڻ اعجاز ممناڻي، حزب الله راجپر، اشرف قريشي،محمد سعود پوهيو، محمد جمن شيخ مجيب وسطڙو فدا راجپر ڪلرڪ ايسوسيئيشن اڳواڻ طفيل احمد سومرو، محمد يونس پٽي سينيئر صحافي منظور ملڪ ۽ ٻين ماڻهن پاران ڪيس گلن جا هار پهرائي واڌايون ڏنيون ان موقعي تي سول سرجن سپني آيلن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ دعا گهري ته الله سائين سپني کي ان بارگاهه مقدس جي زيارت نصيب فرمائي ۽ پنهنجي پياري محبوب جو مهندڙ ملڪ ڏيکاري ان موقعي اڳواڻن چيو ته ان ملڪ جي سعادت خوش نصيب ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي يقين ڊاڪٽر خادم انهن مان هڪ آهي شال الله سائين سندس زيارتون قبول فرمائي

بقايا سنڌيار 21

ڪاتي جو ملازم ، ڪنهن به سياسي جماعت يا اليڪشن اميدوار جي حمايت ڪندي ڏٺو ويو ته ان خلاف فوري طور اليڪشن ايڪٽ تحت ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي .اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر پٽي پاران ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد 15 جنوري 2023 تي ٽينڊڙ بلدياتي چونڊن واري مرحلي دوران اليڪشن ڪميشن پاران جاري ضابطه اخلاق تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو . هن وڏيڪ چيو ته 15 جنوري 2023 تي ٽينڊڙ صاف شفاف ۽ پرامن اليڪشن منعقد ڪرڻ کي يقيني بنايو ويندو هن چيو ته هونئن ته ٽنڊو محمد خان ضلعو پرامن ضلعو رهيو آهي پر امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ پولنگ اسٽيشنز جي سيڪيورٽي لاءِ جتادار پلان مرتب ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪو اڻوڻندڙ واقعو پيش نه اچي سگهي. ان موقعي تي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام النبي ڪيريو چيو ته صاف شفاف اليڪشن ڪرائڻ قومي فريضو آهي جنهن لاءِ پوليس کاتي پاران پريور مدد فراهم ڪئي ويندي ته جيئن ان عمل ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو رخنو پيدا نه ٿي سگهي. ان موقعي تي رينجرز جي ڊي ايس آر نثار احمد سولنگي چيو ته اسان جي ٽيم ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهندي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر نديم احمد شيخ ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالفقار علي نظاماڻي ، ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر زاهد حسين پٽو ، رٽرننگ آفيسرز، مختلف سياسي جماعتن سان تعلق رکندڙ اميدوارن ۽ ضلعي جي لاڳاپيل کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

ٻر اوور لوڊ ٽيل گاڏين خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي. ويو خلاف ورزي جي صورت ۾ نيشنل هاءِ ويز سيفٽي آرڊيننس 2000 جي سيڪشن 75 تحت هڪ مهيني تائين قيد ۽ هڪ هزار کان پنج هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٿي سگهي ٿي. سمورن ٽرانسپورٽرن ۽ مل مالڪن کي گذارش ڪجي ٿي ته مال بردار گاڏين تي لوڊشيڊنگ لاءِ وزن جي حد جي هدايتن تي سختي سان عمل ڪن ته جيئن ڪنهن به قسم جي تڪليف کان بچي سگهجي ۽